# پيپلز پارٽي ۽ سنڌ



(1608-1700 AD)

جگديش آهوجا

# پيپلزپارٽي
# ۽ سنڌ

# پيپلز پارٽي ۽ سنڌ

جڳديش آهوجا

سنڌو واس پبليڪيشن
سنڌ دوست رابطا ڪائونسل
www.sindhdost.co.nr

هن ڪتابچي جا حق ۽ واسطا عام ڪجن ٿا.

ڪتاب جو نالو: پيپلز پارٽي ۽ سنڌ
ليکڪ: جڳديش آهوجا
ڇاپو: پهريون، اپريل 2013ع
ڇپائيندڙ: سنڌو واس پبليڪيشن،
سنڌ دوست رابطا ڪائونسل، سنڌ.
قيمت: -/20 (ويهه رپيا)
پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# پيپلز پارٽي ۽ سنڌ

”سنڌ هاڻي سؤ سال پوئتي هلي وئي!“ سنڌ جي جهوني قومي ورڪر سائين قائد الدين شاهه چواڻي هيءَ درد ڀري دانهن سنڌ جي ڏاهي دانشور ابراهيم جويي ان وقت ڪئي هئي جڏهن سنڌ ذوالفقار علي ڀٽي جي شخصيت پرستيءَ جي سحر ۾ ڦاسي وئي هئي.[1] سنڌ، ڀٽي پرستيءَ جي بيماريءَ جيڪا اڳيان هلي سنڌ جو روڳ ۽ ناسور بڻجي وئي، تنهن جو ڪيئن شڪار ٿي. اهو سمجهڻ لاءِ ڀٽي جي شخصيت ۽ سياسي ڪردار جو سنجيدگيءَ سان تجزيو ڪرڻ بيحد ضروري آهي.

1957ع ۾ ڀٽو جڏهن سياست جي اقتداري ايوانن ۾ داخل ٿيو تڏهن اڄوڪو پاڪستان فقط اولهه پاڪستان هيو جنهن جي مجموعي آبادي تڏهوڪي اوڀر پاڪستان کان گهٽ هئي ۽ ان حقيقي توازن کي بدلائي جعلي توازن پيدا ڪرڻ جي آڙ ۾ دراصل پنجاب جي بالادستي برقرار رکڻ خاطر اولهه پاڪستان ۾ ون يونٽ مڙهيو ويو هيو جنهن جي نتيجي ۾ سنڌ پنهنجو الڳ سياسي وجود وڃائي ويٺي هئي. ان دؤر ۾ جڏهن سنڌ پنهنجي وڃايل وجود جي ڳولا ۾ سرگردان هئي ۽ سنڌ جا سچا هڏڏوڪي اڳواڻ سائين جي. ايم. سيد، ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي وغيره ۽ سنڌ جا نوان اُسرندڙ قومي شاعر، اديب، دانشور ۽ قومي ورڪر قومي طبقاتي ۽ جمهوري جدوجهد ۾ سرگرم ڪردار ادا ڪرڻ سبب جيلن، نظربندين ۽ روپوشين جون صعوبتون ڀوڳي رهيا هئا، تڏهن ڀٽو آمر

---

[1] 1970ع ۾ حيدرآباد ۾ تلڪ چاڙهيءَ تي وڏي جلسي کان پوءِ ڀٽي جو جلوس اورينٽ هوٽل سامهون گذريو تہ اتي بيٺل ابراهيم جويي اهي دانهون ڪيون، جنهن سان گڏ ان وقت علي احمد بروهي، غلام محمد گرامي عبدالحق عالماڻي وغيره پڻ بيٺا هئا.

اسڪندر مرزا جي وزارت ماڻي اقتداري سياست مان لطف اندوز ٿي رهيو هو. آڪٽوبر 1958ع ۾ جڏهن ايوب خان پنهنجي محسن اسڪندر مرزا کي اقتدار تان هٽائي پهرين ملڪ گير مارشل لا هنئي تہ ڀٽي صاحب بہ پنهنجي محسن اسڪندر مرزا سان بيوفائي ڪري ايوبي مارشل لا سان پريت جا پيچ لڙايا ۽ فيلڊ مارشل ايوب خان کي "ڊيڊي" سڏي سندس لاڏلو پٽ بڻجي ويو.

سڀ جي ڏهاڪي ۾ ڀٽي جي سياسي پالنا ۽ پرورش ايئن ٿي ايوبي مارشل لا جي گود ۾ ٿي، جيئن اسيءَ جي ڏهاڪي ۾ نواز شريف جي ضيائي مارشل لا جي گود ۾ ٿي هئي.

ون يونٽ جو سڄو زمانو (1969 ـ 1954ع) سنڌ پنهنجي وڇايل وجود جو درد ڀوڳيندي رهي پر ڀٽو صاحب، سنڌ جي ان عظيم درد کان بيگانو بڻجي اقتدار جا مزا ماڻي رهيو هو. جڏهن شيخ اياز سنڌ جي ان درد جي دانهن ڪندي چيو تہ "سنڌڙي تنهنجو نانءُ ڳنهيم، جڻ ڪاريهر تي پير پيو!" تڏهن ڀٽو صاحب ان دانهن جي درد کي محسوس ڪرڻ بدران انهن ڪاريهرن کي ڪير پياري رهيو هو. جيڪي سنڌ جي قومي وجود کي ميساري سنڌ جي قومي، طبقاتي ۽ جمهوري جدوجهد کي انتهائي بي رحميءَ سان ڪچلي رهيا هئا. جنهن جي نتيجي ۾ سنڌ جو سڀ کان وڏو قومي نقصان اهو ٿيو تہ سنڌ جا جهر جهنگ، واهڻ وستيون، ڳوٺ ۽ ڀنيون جهاڳيندي هارين نارين ي هاري حقدار جو شعور ڏيندڙ ۽ سنڌ کي جيئي سنڌ جو جام محبت آڇيندڙ سچو سورهيہ سرواڻ، باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جيلن جون صعوبتون سهندي وقت کان اڳ اسان کان وڇڙي ويو ۽ سنڌ "قائد عوام" جي سحر انگيز ڪوٺ ۾ قيد ٿي وئي. ۽ هن ڪوٺ جي ٽڪساٽن تہ مومل جي ماڙيءَ کي بہ مات ڏئي ڇڏي آهي! ۽ عجيب الميو اهو آهي تہ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ماڙيءَ جي ٽڪساٽن جا پهريان شڪار وري ڪي ٻاهريان نہ پر هن ڪاڪ محل جا اڏيندڙ اڳواڻ جي اي رحيم، جيڪو پيپلز پارٽيءَ جو باني جنرل سيڪريٽري ۽ پ پ پ جي منشور جو خالق هو ۽ معراج محمد خان وغيره بڻيا. ڀٽي صاحب جي محسن ڪشيءَ جي اها پراڻي ريت هئي.

نواز شريف تہ پنهنجي محسن جنرل ضياءَ سان سندس مرڻ گهڙيءَ تائين توڙ نڀائي بلڪ پوءِ بہ سندس نالي ماتر قبر تي ڪجهہ سال حاضريون ڀريندو رهيو پر ڀٽي صاحب محسن ڪشيءَ جي مغل محلاتي روايت برقرار رکي ۽ پنهنجي محسن جنرل ايوب کي جيئري ماري ڇڏيو. 1965ع جي جنگ وقت جڏهن شيخ اياز سنڌ جي امن پسند، جنگ دشمن، انسان دوست روح جي صدا بلند ڪئي تہ "آئون ڪيئن بندوق ڪڻان، منهنجي سامهون بيٺو آهي نارائڻ شيام!" تڏهن ڀٽي صاحب وري تاشقند امن معاهدي جي خلاف ڪوڙي واويلا ڪري "هڪ هزار سالن تائين جنگ ڪرڻ" جي جنوني باهہ ڀڙڪائي. جهڙي طرح هٽلر، پهرين مهاڀاري جنگ ۾ جرمنيءَ جي شڪست جو پلاند وٺڻ جي آڙ ۾ جرمن شاونزم کي اڀاري ۽ نيشنل سوشلزم جو نعرو هڻي جرمن عوام کي پنهنجي شخصيت جي سحر ۾ قيد ڪري ورتو هيو بلڪل اهڙي ريت ڀٽي وري پاڪستاني شاونزم، اسلامي سوشلزم ۽ اتي، لئي، اڇهي جو نعرو هڻي سنڌ ۽ پنجاب جي عوام جون دليون موهي ورتيون پر ڀٽو هڪ حقيقت کي وساري ويٺو تہ جرمني هڪ قومي ملڪ هيو ۽ پاڪستان گهڻ قومي ملڪ. ڀٽو صاحب جڏهن پنجاب جي فوجي جنرلن جي ٽيڪ تي سونار بينگال جي سرواڻ شيخ مجيب کي اکيون ڏيکارڻ لڳو تہ شيخ مجيب کيس ان وقت ئي چتاءَ ڏنو هيو تہ "جن جنرلن جي آسري تي تون لڳو آهين اهي مون کان پوءِ توکي بہ ماري ڇڏيندا." پر ڀٽي صاحب تي هيو اقتدار جو نشو چڙهيل سو ڪٿان ٿو دانشمنديءَ جي ڳالهہ ٻڌي.

1970ع جي چونڊن ۾ شيخ مجيب جي عوامي ليگ 168 سيٽون کٽي واضح اڪثريت سان جمهوري اقتدار جي اصلي حقدار بڻي پر ڀٽو صاحب ۽ سندس ساٿي جنرل ڪيئن ٿي حقيقي جمهوريت ۽ سا بہ ڪارن بينگالين جي سرواڻيءَ هيٺ قبول ڪري سگهيا. ڀٽي جي سموري سحر انگريزيءَ باوجود پيپلز پارٽي رڳو 85 سيٽون کٽي سگهي هئي يعني عوامي ليگ جي اڌ جيتريون مس پر پوءِ بہ هر قيمت تي اقتدار حاصل ڪرڻ جي جنون ۾ ڀٽي صاحب "اِدهر هم اُدهر

ٿَر" جو نعرو هنيو ۽ جڏهن سنڌس اها چال بہ ڪامياب نہ وئي تہ يحيٰ شاهيءَ سان گڏجي اوڀر پاڪستان خلاف فوجي آپريشن جي منصوبابندي ڪئي ۽ پاڻ بنفس نفيس، ڍاڪا ۾ آپريشن جي آغاز جو مشاهدو ڪري ڪراچي ايئرپورٽ تي اچي گوهر افشان ٿيو تہ "خدا کا شکر هي، پاکستان بچ گیا" ۽ سڄي دنيا ڏٺو تہ جنرل يحيٰ، ڀٽي ۽ سندن ساٿي جنرلن پاڪستان کي ڪهڙي ڀيانڪ خونريزي ۽ قتلِ عام ذريعي "بچايو!" بينگال ۾ قتل و غارت ۽ عصمت دريءَ جي جيڪا بازار گرم ڪئي وئي تنهن تي سموري انسانيت جو ڪنڌ شرم کان جهڪي ويو پر شرم نہ اچي نہ آيو تہ اسان جي شاونسٽ پاڪستاني قومپرستن ۽ سندن نظرياتي ترجمان پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي اڳواڻن کي جن مظلوم بينگالين جي قاتل جنرل ٽڪا خان کي آخر تائين پنهنجو قيمتي اثاثو تسليم ڪندي پيپلز پارٽيءَ جو جنرل سيڪريٽري بڻائي رکيو.

ستر جي ڏهاڪي ۾ سنڌ ۽ پنجاب جي عوام تي ڀٽي پرستيءَ جو اهڙو سحر طاري رهيو جو بينگالين ۽ بلوچن جي قتل عام ۾ ڪين ڀٽي صاحب جو ڪو هٿ نظر نہ آيو ۽ نہ ڏينهن ۾ اها ڳالهہ عام ڪئي وئي تہ ڀٽو تہ سٺو آهي پر سندس حڪومتي ڪارندا صحيح ناهن. اهو دليل خود فريبيءَ جو شاندار مظهر آهي.

سحر انگيزي ۽ خود فريبيءَ جو هڪ ٻئي سان اٽوٽ رشتو هوندو آهي ۽ پيپلز پارٽيءَ ان جو خوب فائدو ورتو آهي.

سچا سرواڻ پنهنجي عوام جي سياسي، نظرياتي تعليم و تربيت ذريعي سياسي شعور جي سر بلنديءَ لاءِ ڪم ڪندا آهن جيئن سائين جي. ايم. سيد ۽ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي مسلسل ڪتابن، ليڪچرن ۽ قومي ڪچهرين ذريعي سنڌي عوام جي قومي ۽ سياسي شعور جي آبياري ڪندا رهيا. پر ان جي ابتڙ پيپلز پارٽي رڳو "جيئي ڀٽو" جا جذباتي نعرا هڻي عوام کي سياسي پنگ پياريندي رهي آهي. جڏهن سنڌ هاري ڪميٽي، جيئي سنڌ، عوامي تحريڪ، ڪميونسٽ پارٽي، وطن دوست انقلابي پارٽي، سنڌ دوست انقلابي پارٽي، سنڌ ترقي پسند پارٽي ۽ ٻيا ننڍا وڏا نظرياتي گروپ ۽

پارٽيون سوين هزارين اسٽڊي سرڪل قائم ڪري قومي ڪارڪنن ۽ عوام جو قومي، سياسي ۽ انقلابي شعور بلند ڪري رهيون هيون تڏهن پيپلز پارٽيءَ جا جيالا "جيئي ڀٽو ياڙو چڙٽو" جا نعرا هڻي عوام کي ايئن ئي مفت خوري ۽ بدعنواني جي راهہ تي وٺي وڃي رهيا هئا جيئن هن دؤر ۾ کين ذلت آميز امدادي قطارن ۾ بيهاري مفت ڪارڊ ڏنا پيا وڃن. علم، ڏاهپ ۽ ڪتابن سان پيپلز پارٽيءَ جي جيالن ڪڏهن بہ دوستي رکڻ گوارا نہ ڪئي آهي. ضياءَ آمريت خلاف مزاحمتي دؤر ۾ بہ هو جيل، ڦٽڪا ۽ ڦاهيون تہ کائيندا رهيا پر علم جي اوڏو وڃڻ جي غلطي ڪائنٽ ڪڏهن بہ سرزد نہ ٿي آهي!

سياسي جهانت جي اها روش ڪا غير شعوري غلطي نہ آهي بلڪ ڀٽو پرستيءَ جو اهو بنيادي جوهر آهي. ڀٽي، اقتدار جي مومل ماڻڻ خاطر پيپلز پارٽي ٺاهڻ وقت جن پڙهيل ڳڙهيل ۽ سوشلسٽ اڳواڻن جو سهارو ورتو هيو تن کي بہ اقتدار ۾ اچڻ کان پوءِ واري واري سان مکڻ مان وار وانگر ڪڍندو ۽ جيلن جا در ڏيکاريندو رهيو ۽ آخر ۾ فقط بہ يادگار ڊاڪٽر مبشر حسن ۽ شيخ رشيد وٽس وڏڙن جي نشانيءَ طور محفوظ رهيا. جيڪي بہ ويچارا پنهنجي عزت بچائڻ ۾ پورا هئا ۽ پوءِ جڏهن ڀٽي صاحب مٿان ڏکيو وقت آيو تہ کيس بچائڻ وارو ڪوبہ نہ هيو. "پنهنجي وڍيءَ جو نڪو ويچ نہ طبيب." هي سنڌي پهاڪا ايئن تہ وجود ۾ نہ آيا آهن ۽ صدين جي لوڪ ڏاهپ کي جڏهن پٺي ڏبي آهي تہ سياڻو ڪانءُ بہ ٻہ ٽنگو ڦاسي پوندو آهي. اڳتي هلي ڀٽي جي ڦاهي هڪ رومانوي داستان بڻجي وئي ۽ ان رومانوي سحر عوام تہ ڇا اسان جي دانشور ۽ باشعور وچئين طبقي کي بہ اهڙو تہ پنهنجي سحر ۾ سوگهو ڪري ڇڏيو جو اسان ڀٽي جي ڦاهيءَ جي ڪارڻن جي عقلي ڇنڊڇاڻ تان ئي هٿ کڻي ويا سين!

1977ع کان 2007ع جي ٽيهن سالن دؤران ڇٽن ڀٽن جي جيلن، جلاوطنين ۽ شهادتن وقفي وقفي سان اسان کي اهڙن صدمن ۽ نفسياتي دٻائن جو شڪار ڪري ڇڏيو آهي جو اسان شهادت جي مفهوم ۽ مقصد تي بحث ڪرڻ بہ عبث ٿا سمجهون. اسان کي اڄ ڏينهن تائين اها خبر نہ پئجي سگهي آهي تہ ڇٽني ڀٽن آخر ڪهڙي

عظيم مقصد خاطر جدوجهد ڪندي شهادت ماڻي ۽ پيپلز پارٽيءَ جي هر قيمت تي اقتدار ماڻڻ کان سواءِ ٻي ڪهڙي منزل مقصود رهي آهي؟

ڀٽي صاحب جي سموري زندگي ۽ سياست تي نظر وجهو ته هو اوهان کي 1951ع کان 1977ع تائين ويهه سال اقتداري ايوان ۾ نظر ايندو. هو جيڪڏهن عوام وٽ به ويو ته شاهاڻي شان سان نڪي ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي ۽ قومي انقلابي ورڪرن جيان بک ڏک کي ڀيرين پنڌ. عوام ته سنڌس انهن ادائن تي موهت ٿي پيو ته اسان جو بادشاهه اسان وٽ هلي آيو آهي، اسان سان هٿ ملايو اٿس، اسان جي جهوپڙيءَ ۾ اچي کٽ تي ويٺو آهي، اسان جا ڏک سور ٻڌا اٿس، اسان تي وڏيري سان ڳالهائڻ جي همت بخشي اٿس وغيره وغيره. اوهين غلامن جي نفسيات پڙهي ڏسو ته اوهان کي صاف نظر اچي ويندو ته هي سڀ اهي ڪارناما آهن جيڪي غريب عوام کي مرعوب ڪرڻ لاءِ چالاڪ عوامي سياستدان اختيار ڪندا آهن. پلا ڀٽي صاحب ڪڏهن پل چڪ ۾ به پنهنجي محبوب عوام ۽ فدائي جيالن کي ڪڏهن اها هدايت ڪئي ته علم حاصل ڪريو. ڇا ڀٽو صاحب "علم تدريس مظلومن لاءِ" ڪتاب کان اڻ واقف هيو؟ اسين سڀ ڄاڻون ٿا ته هارورڊ ۽ آڪسفورڊ جو تعليم يافته ڀٽو خاندان پاڻ جيترو پڙهيل هيو پنهنجي پارٽيءَ جي جيالن ۽ عوام کي اوڏو ئي جاهل رکڻ جي شعوري پاليسيءَ تي مسلسل ثابت قدم رهيو. پارٽي قيادت ۽ ڪارڪنن جي تعليم ۽ جهالت جو اهو تضاد فقط تڏهن ختم ٿي سگهيو جڏهن پيپلز پارٽيءَ جي واڳ آصف زرداريءَ جي ور چڙهي.

اڄڪلهه اوهان کي پيپلز پارٽيءَ جي قيادت ۽ جيالن جي سياسي جهالت ۾ همه گير هم آهنگي نظر ايندي جنهن جو ڀرپور مظاهرو ڪندي اسان کي مڪاني نظام جي نئين قانون کي سمجهڻ لاءِ پي ايڇ. ڊي ڪرڻ جو مشورو ڏنو ويو! ڪرائيم ۽ ڪرپشن جي ڊبل پي ايڇ. ڊي هولڊر پ پ قيادت پنجن سالن جي دؤر اقتدار ۾ ڪهڙا ڪارناما سرانجام ڏنا آهن، تن کي ڏسڻ لاءِ ڪليل اکيون ئي

آهي. زرداري صاحب بلوچن کان سڪٽي ۽ مبهم معافي تہ ورتي پر گڏوگڏ بلوچ نوجوانن جي چچريل لاشن جا تحفا بہ بلوچ مائرن، پيئرن، ڀينرن، پائرن ۽ ٻارن کي ملندا رهيا. هر قسم جو ڪرائيم ۽ ڪرپشن ڪرڻ لاءِ پنج ئي سال پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت جا هٿ ڪليل رهيا پر مظلومن جون آهون ۽ دانهون ٻڌڻ لاءِ هيءَ جمهوري حڪومت ويچاري ڏاڍي بيوس هئي ڇو تہ اسٽيبلشمينٽ نہ رڳو سندن هٿ ٻڌي رکيا هئا پر سندن ڪنن ۾ بہ ڪپهہ وجهي ڇڏي هئي! ويچاري مظلوم ۽ مسڪين پيپلز پارٽي!! عوام لاءِ تہ سندس هڏ ڳُرڪن ٿا پر عوام کي پنڻ تي هيرائڻ کان سواءِ هوءَ ٻيو ڪري بہ ڇا ٿي سگهي.

ستر جي ڏهاڪي ۾ اچا اوير پاڪستان خلاف جمهوريت ڪش فوجي آپريشن جا زخم تازا ئي هئا تہ قائدِ جمهوريت، قائد عوام، پاڪستان جي پهرين وفاقي جمهوري حڪومت، بلوچستان ۽ سرحد جي چونڊيل جمهوري حڪومتن تي غداريءَ جو الزام مڙهيندي کين نہ رڳو اقتدار کان بي دخل ڪيو پر نعپ جي سمورن اڳواڻن کي جيل موڪلي بلوچ عوام خلاف فوجي آپريشن شروع ڪيو جيڪو ڀٽي جي اقتدار ۾ رهڻ تائين مسلسل جاري رهيو. پنهنجي پوري دؤر اقتدار ۾ پيپلز پارٽي نہ رڳو ملڪ اندر آمرانہ طرز حڪمراني اختيار ڪئي بلڪ پارٽيءَ اندر بہ انتهائي آمرانہ روش اختيار ڪندي پنهنجن سينيئر پارٽي اڳواڻن جي بہ بي عزتي ڪرڻ ۾ ڪا ڪسر نہ ڇڏي. پنهنجو عزت نفس ٻوڙي اقتدار ۾ رهڻ جي ريت پيپلز پارٽيءَ جي آمرانہ جمهوريت جو تخم آهي.

چون ٿا تہ 1971ع جي پاڪ ڀارت جنگ ۾ شڪست کان پوءِ پاڪستان جي فوج تقريباً ختم ٿي چڪي هئي ۽ ڀٽي کي تاريخي موقعو مليو هيو تہ سياست ۾ فوج جو ڪردار هميشہ لاءِ ختم ڪري حقيقي جمهوريت نافذ ڪري پئي سگهيو پر ڀٽي کان اها تاريخي غلطي سرزد ٿي جو هن فوج کي نئين سر سگهارو ڪري بلوچ ڪشيءَ ذريعي فوج کي واپس سياست ۾ سگهارو ڪردار بخشي ڇڏيو. اسان جا حساس دانشور ڀٽي جي شهادت صدقي متس ڏاڍا

مهربان ٿي ويا آهن ۽ سندس سڀ ڏوهہ بخشي انهن کي سندس غلطين جي خاني ۾ رکي ٿا ڇڏين. ايئن ڪري اسين دراصل عوام کي اجا بہ انڌيري ۾ رکڻ ۽ پٽي پرستيءَ ۾ قاتل رهڻ لاءِ رستا هموار ٿا ڪريون. جڏهن ڪنهن بہ بيماريءَ جو ان جي جڙ کان علاج شروع نہ ڪبو آهي تہ اها وڌي وڌڻ ٿي ويندي آهي. پٽي جي ڦاسيءَ کان پوءِ سنڌ جي ڏاهن ۽ دانشورن بہ ان بيماريءَ جي جڙ تي بحث ڪرڻ مناسب نہ سمجهندي ان ڏانهن اکيون ٻوٽي ڇڏيون ۽ بينظير جي موت کان پوءِ تہ اسان تي بہ ان بيماريءَ جا اثرات ظاهر ٿيڻ لڳا. پٽو پرستيءَ جو اهو بخار سڄاڻ طبقي تان تڏهن لهڻ شروع ٿيو جڏهن پيپلز پارٽيءَ سنڌ جي وحدت تي وار ڪندي ٻٽو مڪاني نظام لاڳو ڪرڻ جو اعلان ڪيو پر ان کان پوءِ اڄ تائين بہ اسان جو رويو اهو آهي تہ "ادا. بينظير جي پيپلز پارٽي تہ صحيح هئي، هيءَ زرداري ٽولو سنڌ دشمن آهي." يعني اسين اڄ بہ بيماريءَ جي علامتن تي تہ زوردار بحث ڪريون ٿا پر بيماريءَ جي جڙ تي ڳالهائڻ لاءِ بہ تيار نہ آهيون. ڪابہ بيماري جڏهن ناسور بڻجي ويندي آهي تہ پوءِ ان جو واحد علاج سرجري هوندو آهي. اسان کي سمجهي ڇڏڻ گهرجي تہ سنڌي سماج جو هي پٽي پرستيءَ وارو ناسور تيستائين ختم نہ ٿيندو جيستائين ان جو سرجيڪل آپريشن نہ ٿيندو. جنهن کان اسين 1979ع کان وٺي ڪن لاتار ڪندا پيا اچون. جڏهن تہ ان ان اڳ سنڌ جا ترقي پسند اديب، دانشور ۽ قومي انقلابي اڳواڻ ۽ ڪارڪن پٽو پرستي ۽ شخصيت پرستيءَ خلاف هڪ مضبوط نظرياتي تحريڪ هلائي چڪا هئا ۽ سائين جي. ايم. سيد تہ پيپلز پارٽيءَ جي اپار وقت ئي بلڪل واضح ڪري ڇڏيو هيو تہ پيپلز پارٽيءَ ۽ پاڪستاني جمهوريت جو اصل جوهر ئي عوام دشمن، سنڌ دشمن، انسان دشمن ۽ خود جمهوريت دشمن آهي ۽ پٽو پرستي ان جو چٽو مظهر آهي. ان سلسلي ۾ سائين جي. ايم. سيد جي ڪتاب "سنڌوديش ڇو ۽ ڇا لاءِ؟" جو مطالعو اڄ بہ ايترو ئي اهميت جوڳو آهي جيترو ستر جي ڏهاڪي ۾. ڪنهن بہ ڪتاب جي مطالعي جو اهو مطلب ناهي تہ ان جي يا ان جي ليکڪ جي انڌي پوئلڳي ڪئي وڃي. مطالعو بہ مددگار فقط تڏهن ثابت ٿئي ٿو جڏهن اهو کليل دل و دماغ سان ڪجي ٿو.

تائين اهو سواليہ نشان لڳل آهي تہ پيٽي پنهنجي جان جي قرباني پنهنجي انا خاطر ڏني يا عوام خاطر!؟ جيڪڏهن پيٽي جو پاڪستان ۽ پاڪستاني عوام سان ايڏو عشق هيو تہ پيٽي، اوير پاڪستان جي عوام خاطر، مخالف ڌر جي بئنچن تي ويهڻ بدران اوير پاڪستاني عوام جو انتهائي بي رحمائو قتل عام ڇو ڪرايو؟ جيڪڏهن پيٽي کي پاڪستاني عوام سان ايڏو عشق هيو تہ هن بلوچستان ۽ سرحد جي پاڪستاني عوام جي راءِ جو احترام ڪندي سندن چونڊيل صوبائي حڪومتن کي ڪم ڪرڻ ڇو نہ ڏنو؟ مٿن غداري جو ڪيس ڇو هلايو؟ جيڪڏهن پيٽي کي سنڌ ۽ سنڌي عوام سان عشق هيو تہ هن سنڌ جي قومي وجود کان انڪار ڪندڙ آئين ڇو ڏنو؟ سنڌ جي قومي انقلابي جدوجهد تي بار بار راتاها ڇو هنيا؟ سنڌ ۾ ڏنڊي ۽ ڪرپشن جي بازار گرم ڇو ڪئي؟ سنڌ جي تعليم جو بيڙو ٻوڙي پيٽي سنڌ ۽ سنڌي عوام سان ڪهڙي وفا پئي نڀائي!؟ هر اداري ۾ پرتيءَ لاءِ ميرٽ ۽ اهليت بدران مفت خوري ۽ جيالا پرستي جي رسم و رواج جا بنياد وجهي پيٽي سنڌ ۽ سنڌي عوام سان ڪهڙي قسم جي عشق جي ريت ٿي نڀائي؟ جيالن ۽ پ پ ورڪرن کي سياسي توڙي نصابي تعليم و تدريس کان پري رکي جذباتي نعري بازيءَ ۽ سياسي غنڊه گرديءَ ۾ ملوث ڪري پاڪستان توڙي سنڌ جي سياسي سماجي تاجي پيڙهي کي تباهہ ڪري، نااهليت ۽ بدعنوانيءَ کي پروان چڙهائي پيٽي آخر عوام سان ڪهڙي قسم جي عشق جو اظهار ٿي ڪيو؟ اعليٰ آدرش وادي عشق انسان کي پستيءَ کان بلنديءَ ڏانهن وٺي ويندو آهي ۽ ڪم ظرف خود پرستي عشق انسان کي اونهي اونداهي کوهہ ۾ اڇلائي ڇڏيندو آهي جتي هو کوهہ جي ڏيڏر جيان رڳو ٽان ٽان پيو ڪندو آهي، جيئن اسان جا جيالا جيئي پيٽو جيئي پيٽو پيا ڪندا آهن.

پنجيتاليهن سالن کان پوءِ بہ هو کوهہ مان نڪري کليل فضا ۾ ساهہ کڻڻ لاءِ تيار ناهن. هو اڄ بہ اهو نٿا ڏسن تہ پيٽو پرستيءَ کين ڪٿي آڻي پهچايو آهي. اڄ جڏهن دنيا صنعتي دؤر مان گذري سائنس ۽ ٽيڪنالوجي جي دؤر ۾ داخل ٿي وئي آهي تڏهن بہ سنڌ مڏي خارج زميندار ي سماج جي ڏٻڻ ۾ ڦاٿل آهي ڇو تہ سنڌ جي

سياست جون واڳون پيپلز پارٽي جي مُٺ ۾ سوگهيون آهن. ان جي ابتڙ سينٽرل پنجاب پيپلز پارٽيءَ جي پنجوڙ مان نڪري صنعتي دؤر ۾ ڪاميابيءَ سان داخل ٿي ويو آهي. پيپلز پارٽي پنهنجي بڻ بڻياد کان وٺي ئي ان فرسوده نظام جي محافظ پارٽي آهي جنهن سدائين عوام عوام جي رت هٽي، عوام کي پنهنجي ڪوٽ ۾ قابو ڪري وري کين انهن ئي وڏيرن، سردارن ۽ سنڌن رياستي آقائن وٽ وڪيو آهي. ڪامريڊ مير محمد ٽالپر، جيڪو سنڌ جي پورهيتن، هارين نارين جي آزادي ۽ خوشحالي جا آدرش دل ۾ سانڍي ڪالهه (16 اپريل 2013ع) ئي ڪرها ڪاهي اڻ ڏٺي ڏيهه ڏانهن روانو ٿي ويو آهي، تنهن ذوالفقار علي ڀٽي کي ڪيئن سچ منهن تي ڦهڪائي ڏنو هيو تنهن جو احوال ارباب نيڪ محمد جي زباني ٻڌو[2] "مير رسول بخش خان ٽالپر جي بنگلي تي ڀٽو شهيد ڪنوينشن کي مخاطب هجي، فخر ايشيا ولولا انگيز خطاب ۾ فرمايو پئي ته: "منهنجي پارٽي غريبن جي پارٽي اهي، آئون جاگيرون ٽوڙي زمين غريبن ۾ ورهائيندس، مون وٽ ڪوبه جاگيردار ڪونهي..." ڪامريڊ مير محمد اٿي بيٺو... "ها سائين! صحيح ٿا فرمايو مخدوم صاحب، جتوئي صاحب ۽ مير صاحب جيڪي تنهنجي ساڄي ڪاٻي تشريف فرما آهن، تن وٽ جريب ٻنيءَ جوبه ناهي، ڍڳن جو جوڙو به خريد نٿا ڪري سگهن، سپ جا سپ مير بندي علي خان جا "سرڙيا" هاري آهن." جيڪڏهن اوهان جون اکيون ۽ ذهن کليل آهن ته توهان صاف ڏسي سگهو ٿا ته ميرن، پيرن، وڏيرن، مخدومن کي منهن تي سچ چئي ڏيڻ جي همت سنڌ جي ماٺهن ۾ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، سائين جي. ايم. سيد ۽ سنڌ جي ترقي پسند اديبن، شاعرن ۽ قومي انقلابي ورڪرن پيدا ڪئي هئي جنهن جو سهرو به عوامي پروپيگنڊا جي زور تي ڀٽي جي سر تي سجايو ويو. خود ڀٽي کي اهڙو ڪڙو سچ منهن تي چئي ڏيڻ وارو جوان به جي. ايم. سيد ۽ حيدر بخش جتوئي جي گهاٽ جو پاڻي پيتل هيو. ڀٽي چالاڪي ۽ حرفت سان اهڙن ئي انقلابي ورڪرن جو ساٿ حاصل ڪري ايوب خان خلاف تحريڪ هلائي ۽ جڏهن پاڻ اختيار ڪُل جو

[2]. روزاني "ڪاوش"، 17 اپريل 2013ع

مالڪ ٿيو تہ ڪين پاسيرو ڪري طاقت جو سرچشمو وڏيرن وٽ ئي قائم دائم رکيائين. پيپلز پارٽيءَ جي هر حڪومتي دؤر ۾ واڳ وڏيرن وس ئي رهي آهي ۽ عوام کي ڪڏهن ڀوتي تہ ڪڏهن هڏيءَ تي حلال ڪيو ويو آهي. پيپلز پارٽي هر دؤر ۾ راڳ عوام جو ڳائيندي آهي ۽ واڳ وڏيرن ۽ ڪجهہ وچولي طبقي جي ڪمدارن وٽ قابو رکندي آهي.

جمهوريت، صنعتي سماج جو گڻ آهي جڏهن تہ وڏيراشاهيءَ جي صفت ئي آمراڻي طرز حڪمراني آهي. ڀٽي جو تخم هيو وڏيراشاهيءَ وارو ۽ تعليم هئي صنعتي دؤر واري، سياست سکيو ايوبي آمريت واري ۽ سبق پڙهيائين سوشلزم جو. نهروءَ جي نقش قدم تي هلندي ڏيءَ کي تہ سياست سيکاريائين جديد دؤر جي پر پاڻ هليو هٽلر جي راهہ تي. سو هر ڊڪٽيٽر جي اها اٽل ضرورت هوندي آهي تہ وٽس هڪ طاقتور فوج هجي جنهن جي زور تي هو ملڪ اندر سياسي مخالفت کي ڪچلي اختيار ڪُل جو مالڪ بڻجي سگهي ۽ بين الاقوامي توسيع پسنديءَ ڏانهن وکون وڌائي سگهي. سو 1971ع جي پاڪ ڀارت جنگ ۾ جيتوڻيڪ فوج جي چيلهہ ڇڄي تي چڪي هئي ۽ نوي هزار فوجي جنگي قيدي بڻجي دهليءَ جي ڪوٽ ۾ قابو ٿي چڪا هئا ۽ ڀٽي کي تاريخي موقعو مليو هو تہ باقي پاڪستان منجهان جاگيرداري ۽ وڏيراشاهيءَ کي جڙ کان اکيڙي، صنعتي انقلاب آڻي حقيقي جمهوريت لاءِ راهون هموار ڪري پئي سگهيو پر ڀٽو ايئن ڇو ڪري؟ هو جمهوريت پسند هجي ها تہ ايئن ضرور ڪري ها پر سندس منزل ئي هئي عوامي بادشاهہ ٿيڻ، سندس آدرش تي هيو پاپولر ڊڪٽيٽر بڻجڻ!

اهائي منزل، اهوئي آدرش ماڻڻ لاءِ ڀٽي اقتدار ۾ اچڻ شرط سڀ کان پهرين پارٽيءَ اندر ساڻس اختلاف راءِ رکڻ جي جرئت ڪندڙ اڳواڻن کي جيل ڀيڙو ڪري پارٽيءَ اندر پنهنجي ڊڪٽيٽرشپ قائم ڪئي. ٻئي مرحلي ۾ ڀٽي فوج کي نئين سر مستحڪم ۽ تازو توانو ڪري بلوچستان موڪليو تہ جيئن اتي ۽ سرحد ۾ قائم مخالف ڌر جي حڪومتن مان جند ڇڏائي سڄي ملڪ تي مڪمل ڊڪٽيٽرشپ

مڙهي سگهي. جهڙي طرح هٽلر، جرمنيءَ ۾ پارليامينٽ تي حملو ڪرائي ان جو الزام جرمن ڪميونسٽ پارٽيءَ تي مڙهيو هيو ساڳيءَ طرح عراقي سفارتخاني مان بلوچستان جي علحدگيءَ لاءِ اينڊڙ هٿيارن جو ڊرامو رچائي نعپ تي غداريءَ جو الزام مڙهي پٽي بلوچستان تي فوج ڪشي شروع ڪُئي ۽ سرحد ۾ حيات شيرپائو کي مارائي اتي بہ پنهنجي هٿ ٺوڪي حڪومت مڙهي مڪمل ڊڪٽيٽرشپ لاءِ راهون هموار ڪيون.

اڄوڪي آءِ ايس. آءِ جي سياسي سيل جو بانيڪار ۽ ڊڪٽيٽر بہ ڀٽو هيو جنهن اهو سيل خاص ان مقصد سان جوڙايو هيو تہ جيئن پنهنجي مخالف سياستدانن جي سرگرمين جي مسلسل جاسوسي رپورٽ حاصل ڪري سگهي. پنهنجي مخالفن کي ڪچلڻ لاءِ وري پٽي الڳ ايجنسي فيڊرل سيڪيورٽي فورس (ايف. ايس. ايف) جوڙائي هئي. آخر ۾ انهن ئي ٻنهي ايجنسين کيس ڦاهيءَ جي ڦنديءَ ۾ ڦاسايو. چوندا آهن تہ عملن جو دارومدار نيتن تي هوندو آهي ۽ جيڪا کڏ ٻئي لاءِ کوٽبي آهي بندو پاڻ بہ ان ۾ ئي ڪرندو آهي پر ڇا ڪجي پنهنجي مسڪين عوام کي جنهن ڀٽي کي نہ بچائي سگهڻ جو طوق پنهنجي ڳچيءَ ۾ وجهي پاڻ کي احساس جرم جي صليب تي چاڙهي ڇڏيو. ڪين اڄ تائين اها ڳالهہ سمجھ ۾ نٿي اچي تہ ڀٽي خاندان هميشہ پنهنجي انا ۽ اقتدار خاطر پنهنجا سِر اڏيءَ تي رکيا آهن نہ ڪي سنڌن خاطر! سوويت يونين جي ريڊ آرميءَ هٿان شڪست کائڻ کان پوءِ هٽلر بہ جنگي قيدي بڻجڻ بدرن موت کي ترجيح ڏني هئي. 2007ع ۾ بينظير صاحبہ بہ آمريڪا طرفان ڏانهس اقتدار جي منتقليءَ جي خاطريءَ تي موت جو خطرو سِر تي کڻي موٽي هئي. بينظير جي دؤر حڪومت ۾ مرتضيٰ ڀٽو بہ پيڻ ۽ پيٽوئي کان اقتدار ۾ حصو پتي وٺڻ لاءِ ئي هتي موٽي آيو هيو ۽ موت سان همڪنار ٿيو هو. فقط شاهنواز ڀٽو ئي اهڙو ڪردار آهي جيڪو مزاحمتي ويڙهہ وڙهندي ماريو ويو. پر پوءِ بہ اهو سوال پنهنجي جاءِ تي موجود آهي تہ سواءِ جنرل ضياءَ الحق جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ جي وٽن ڪو ٻيو آدرش بہ موجود هيو؟ جنرل ضياءَ الحق جي

موت کان پوءِ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ٻن اڍورن ۾ ٽئين مڪمل دؤر جي دؤر حڪمرانيءَ دوران وٽن موجود ڪنهن بہ اعليٰ آدرش جي ڪا گواهي نٿي ملي. پيپلز پارٽيءَ جي چئني دؤرن تي ڪليل دل ۽ دماغ سان نظر وجهو اوهان کي اقتدار جي حاصلات کان سواءِ ٻي ڪنهن بہ منزل، ڪنهن بہ آدرش جا نشان نہ ملندا!

بينظير پنهنجي عملي سياست جي ميدان ۾ جيل ۽ ڪال ڪوٺڙيءَ ڏانهن پنڌ ڪندي پير پاتو. پنهنجي ڪي جڏهن پنهنجي موت جو گهڻو ٿڪو يقين ٿي ويو تہ هن بينظير کي ماءُ سان گڏ ملڪ اندر ۽ پنهن کي جلاوطن رهي بين الاقوامي محاذ تي جنرل ضياءَ الحق خلاف مزاحمت جاري رکڻ جي خواهش جو اظهار ڪيو. پنهنجي ڪال ڪوٺڙيءَ جي ملاقاتن ۽ موت جي پاڇي ۾ گذرندڙ عمر جي آخري ڏينهن ۾ بہ ڪڏهن ڪنهن عظيم آدرش جا خواب نہ ڪڏهن پنهنجي اکين ۾ ۽ نہ ئي پنهنجي ٻارن جي اکين ۾ سجايا. جيئي ٽيڪ سنڌ جا، پورهيت عوام جا سچا هڏڏوڪي قومي انقلابي ورڪر سنڌ جي آزاديءَ جا، سنڌ جي قومي حقن جي حاصلات جا، پورهيت انقلاب جا سپنا پنهنجي ساهہ سان سانديي قومي، طبقاتي ۽ جمهوري جدوجهد ۾ سرگرم عمل هئا ۽ جنرل ضياءَ الحق جي فوجي آمريت کي للڪاري رهيا هئا پر پنهنجي پوءِ بہ آزادي ۽ انقلاب جي راهہ وٺڻ بدران فقط انتقام جي راهہ ورتي ۽ پنهنجي زال ۽ ٻارن کي بہ ان ئي ڏگ سان لڳايو. پيءُ جو انتقام ئي بينظير، شاهنواز ۽ مرتضيٰ جي مزاحمتي جدوجهد جو مرڪزي نقطو هيو. اقتدار جي بحاليءَ کان علاوه ٻي ڪا بہ سندن منزل مقصود نہ هئي. حد تہ اها هئي جو پيپلز پارٽيءَ پنهنجي آخري ٽنهي دؤرن ۾ سنڌ سميت پاڪستان جي ڪنهن بہ خطي کي صنعتي دؤر ڏانهن ترقي ڪرائڻ جي بہ ڪڏهن ڪا سنجيده ڪوشش نہ ڪئي. اولهہ جي تعليم يافتہ بينظير کي ڇا اها خبر نہ هئي تہ جمهوريت جي آبياريءَ لاءِ بهترين زمين صنعتڪاري فراهم ڪندي آهي ۽ وڏيرا شاهي حقيقي جمهوريت جي راهہ ۾ رڪاوٽ بڻبي آهي؟ پنجاب ۾ نواز شريف آمريت جي ڇٽيءَ هيٺ پلجندي بہ وچ پنجاب کي صنعتي ترقيءَ جي راهہ تي گامزن ڪري ڇڏيو پر پيپلز پارٽيءَ سنڌ

کي هميشہ ساڳين ئي پراڻن پاپي پنجوڙن ۾ قاسائي رکيو آهي ۽ هاڻي تہ سندس موقعي پرستانہ مدي خارج، عوام دشمن، انسان دشمن، سنڌ دشمن طبقاتي جوهر بلڪل ننگي روپ ۾ نچي ڳُڏي سيني آڏو اچي ويو آهي.

هاڻي وقت اچي ويو آهي تہ ڀٽو پرستيءَ جي بيماريءَ ۾ ورتل سنڌي ماڻهو ۽ سچا پ پ ورڪر بہ شهادتن جي رومانس کي پاسيرو رکي پنهنجي ۽ پنهنجي اڳواڻن جي اعمالن جو پوسٽ مارٽم ڪن ۽ سچي صورتحال جي سائنسي ڇنڊڇاڻ ڪري ڪا آدرش وادي، ڪا حقيقي جمهوري ۽ انقلابي واٽ وٺن نہ تہ "ساڳيا لاتون، ساڳيا چگهہ" واري صورتحال ٻار ٻار سندن سامهون ايندي ۽ هر ڀيري اڳ کان وڌيڪ بدتر ۽ ڀيانڪ روپ ۾. پ پ پ جي پهرين دؤر حڪومت ۾ ڀٽي جيتوڻيڪ تعليم، اهليت ۽ قابليت جي مٽي پليد ڪري ڇڏي هئي پر اسٽيل مل جا بنياد وجهي ۽ قومي ملڪيت جي پاليسيءَ ذريعي سنڌي ماڻهن لاءِ ڪارخانن ۽ ڪراچيءَ جي تعليمي ادارن جا دروازا ضرور کوليا هئا. ڀٽي يقيناً ميرٽ جي منهن تي دانگي ملي پر پئسن تي نوڪريون وڪڻڻ جو رواج نہ وڌو هيو! اها بدعت پ پ جي پوئين ٽنهي دؤرن ۾ ڏينهان ڏينهن وڌندي وئي ۽ هن دؤر ۾ تہ بنا پئسن پٽيوالي ملڻ بہ محال ٿي وئي. چوندا آهن تہ ڪنهن قوم کي تباهہ ڪرڻو هجي تہ ان جي تعليم تباهہ ڪجي. سنڌ ۾ تعليم جي تباهيءَ جا بنياد ڀٽي صاحب ڪاپيءَ جو رواج عام ڪري وڌا. ڪاپي ڪلچر جو تحفو ڀٽي صاحب جي سنڌ دوستي ۽ عوام دوستيءَ جو چٽو ثبوت آهي. ڏنڊي ۽ لالچ ذريعي سنڌ جي سڄي سماجي ڍانچي کي عوامي سطح تائين تهس نهس ڪرڻ بہ ڀٽي صاحب جو ئي بنيادي جمهوري ڪارنامو آهي جنهن کي چار چنڊ لڳائي زرداري صاحب ۽ پ پ پ جي پنج سالہ جمهوري حڪومت "ڀٽو مشن" کي بخوبي پنهنجي انجام تي پهچايو آهي. بينظير صاحبہ جي اڳواڻيءَ ۾ پيپلز پارٽي "ڀٽو مشن" جي تڪميل جو ذڪر وڏي ڌام ڌوم سان ڪندي هئي پر بينظير سميت ڪنهن بہ ڪڏهن اها تڪليف نہ ڪئي تہ عوام کي سمجهائي تہ "ڀٽو مشن" آخر آهي ڪهڙي بلا جو نالو! تاريخي

حقيقتن جي روشنيءَ ۾ اسان کي "ڀٽو مشن" جي معنيٰ جمهوريت جي نالي ۾ شخصي آمريت ۽ سولين آمريت مڙهڻ کان علاوه ٻي ڪا نظر نٿي اچي. بينظير ڀٽو جي "ڀٽو مشن" جو ٻهريون مرحلو "پيءُ جو انتقام" هيو جيڪو هميشه شرمنده تعبير رهيو. جنرل ضياءُ الحق جي موت کان پوءِ بينظير پنهنجي پيءُ جي قاتلن کي معاف ڪري ساڻن گڏ اقتدار ۾ شراڪت داري ڪئي ۽ سندس بهادر ۽ غيرتمند مڙس به پنهنجي شهيد بيبيءَ جي روايت تي ثابت قدميءَ سان قائم رهندي پنهنجي زال جي قاتلن کي فراخدليءَ سان معاف ڪري، بينظير جي مفاهمتي روح کي تسڪين پهچائي پنج ئي سال ثواب دارين حاصل ڪندو رهيو! بلاول ويچارو به ڇا ڪري؟ بختاور ۽ آصفه ته آهن پيءُ جون لاڏليون. شهيد ماءُ لاءِ آخر ڪيترا گهوڙها ڳاڙينديون؟ "مروان موت ملوڪان شڪار" واهه جو نعرو هنيو ويو. "جمهوريت بهترين انتقام آهي." يعني، "اقتدار بهترين انعام آهي." جيڪڏهن اقتدار خاطر بينظير پنهنجي پيءُ ۽ ڀائرن جي قاتلن سان گڏ ويهي سگهي ٿي ته پوءِ آصف زرداري ۽ سندس ٻار پنهنجي زال ۽ ماءُ جي قاتلن سان گڏ حڪومت جا مزا ماڻڻ کان ڇو محروم رهن؟ بينظير جي قرباني، سندس پنهنجن ٻچن، سندس محبوب مڙس ۽ ان جي ڪارندن جي ڪم نه ايندي ته پوءِ ڇا رائيگان نه ويندي؟ ڀٽو مشن ۽ بينظير مشن جي تڪميل جا پورا پنج سال گواه آهن ته ڀٽي ۽ بينظير جي قرباني رائيگان نه وئي آهي. جمهوري حڪومت، ڪنبن جي سيج تي ويهي پاڪستاني عوام جي، سنڌ جي، سنڌ جي هارين نارين جي جيڪا خدمت چاڪري ڪئي آهي، تنهن جو تاريخ ۾ مثال ملڻ مشڪل آهي!

بنگلاديش جو باني ڪار شيخ مجيب الرحمان 1975ع ۾ جڏهن فوجي جنرلن هٿان شهيد ڪيو ويو ته سندس ڌيءُ شيخ حسينه واجد پنهنجو پاڻ سان ۽ پنهنجي بنگالي عوام سان بنگلا بندهوءَ جي خون جو حساب چڪائڻ جو عهد ڪيو. بنگال جي بهادر نياڻيءَ پنهنجو وعدو وفا ڪيو ۽ پنهنجي پيءُ جي قاتل فوجي جنرلن کي ڦاهيءَ تي لٽڪايو. هن اقتدار جي مسند ماڻڻ لاءِ پنهنجي پيءُ جي قاتلن سان

پنجاهہ ۽ سٺ جي ڏهاڪن ۾ جڏهن سڄي دنيا ٻن بلاڪن، ڪميونسٽ ۽ سرمائيداري بلاڪ ۾ ورهائجي وئي هئي، ٽين دنيا ۾ قومي آزاديءَ ۽ پورهيت انقلابن جي لهر اڀري چڪي هئي، عرب دنيا ۾ بادشاهتن جو تختو اونڌو ڪري عرب قومپرستيءَ جي تحريڪ پنهنجو اوج ماڻي رهي هئي. ويٽنامي، هوچي منهہ ۽ جنرل گياپ جي اڳواڻيءَ ۾ فرينچن کي شڪست ڏئي امريڪي بمباريءَ کي منهن ڏئي رهيا هئا. چين، مائوزيتنگ جي اڳواڻيءَ ۾ هاري پورهيت انقلاب آڻي سوشلسٽ سماج جي تعمير ڪري رهيو هيو. هندستان نهرو جي اڳواڻيءَ ۾ نوابي، سلطاني، جاگيرداري نظام جي تڏاويڙهہ ڪري رهيو هو. چي گويرا، فيڊل ڪاسترو سان گڏ ڪيوبا ۾ ڪامياب قومي عوامي انقلاب آڻي، گوريلا جنگ جا گُر سيکاري، بوليويا جي جهنگلن ۾ شهادت جو جام نوش ڪري رهيو هيو. فلسطيني، ياسر عرفان ۽ جارج حباش جي اڳواڻيءَ ۾ قومي آزاديءَ جي تحريڪ کي نئين بلنديءَ تي پهچائي رهيا هئا ۽ سنڌ سائين جي. ايم. سيد ۽ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جي اڳواڻيءَ ۾ جيئي سنڌ ۽ هاري حقدار جي تحريڪ کي منظم ڪري رهي هئي، تڏهن پ پ پ جو باني ڪار ڀٽو صاحب سامراجي قوتن ۽ سنڌن ساٿاري فوجي آمريتن جو واهرو بڻجي وزارتن جا مزا ماڻي رهيو هو. جڏهن پاڪستان جون مظلوم قومون بنگالي، بلوچ، سنڌي ۽ پٺاڻ، شيخ مجيب، خير بخش مري، عطاءُ الله مينگل، غوث بخش بزنجي، خان عبدالغفار خان، ولي خان، ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي ۽ سائين جي. ايم. سيد جي اڳواڻيءَ ۾ قومي عوامي حقن جون تحريڪون هلائي رهيون هيون تڏهن پيپلز پارٽي، سنڌ ۽ پنجاب جي عوام کي ڀٽو سحر ۾ قيد ڪري گمراهيءَ جي راهہ تي وٺي وئي ۽ 1970ع جي اليڪشن ۾ جوڳي اڪثريت نہ ماڻي سگهڻ باوجود اقتدار ماڻڻ خاطر بنگالين جي رت سان پنهنجا هٿ رڱيا ۽ تاريخ جي انتهائي انسانيت سوز وحشياڻي قتل عام ۽ بنگالي نياڻين جي عصمت دريءَ جهڙي ڀيانڪ جرم جي مرتڪب بڻي.

ستر جي ڏهاڪي ۾ جڏهن ويٽنامي ماڻهن، دنيا جي طاقتور ترين فوج کي شڪست ڏئي سڄي دنيا جي مظلوم ماڻهن ۽ قومن کي آزادي

۽ وقار سان جيئڻ جا ڏس ڏنا تنهن دؤر ۾ اسان جو عوامي بادشاهه پنهنجي مطلق عوامي آمر بڻجي تخت تي براجمان ٿي چڪو هيو ۽ پيپلز پارٽي پوري آب و تاب سان پاڪستان تي حڪومت ڪري رهي هئي. تڏهن تہ اها مظلوم ڪونہ هئي، بينظير حڪومتن جيان ڪمزور بہ نہ هئي، فوج ۽ آمريڪا آڏو سنڌس هٿ ٻڌيءَ سان ٻڌل بہ ڪونہ هئا ۽ بين الاقوامي سطح تي بہ سنڌس مان مٿانهون هو. سنڌس ساٿي پاسي سعودي عرب جو شاهہ فيصل تہ ڪاٻي پاسي ڪرنل قذافي هيو. آمريڪا سان بہ ياراڻا هئا تہ روس بہ خوشيءَ خوشيءَ سان ڪيس اسٽيل مل جا تحفا ٿي ڏنا. ڪم ال سنگ ۽ مائوزيتنگ بہ سنڌس مددگار بڻيا تہ اندرا گانڌيءَ بہ ڪيس نوي هزار جنگي قيدين جي آزاديءَ جا تحفا ٿي ڏنا تڏهن بہ پنهنجي، سنڌ، سنڌي ماڻهن توڙي پنجاب جي ڏتڙيل ماڻهن کي ڪهڙا انقلابي تحفا ڏنا. جن سنڌس خاطر سدائين پنهنجا سِر اڏيءَ تي رکيا. پنهنجي تہ نهروءَ جهڙي سڌارس پسند سوشلسٽ جيان سنڌ ۽ پنجاب مان جاگيرداري، وڏيراشاهي ختم ڪرڻ جهڙا ان وقت جي لحاظ کان انتهائي آسان عوام دوست ڪم بہ نہ ڪيا! الٽو وڏيرن، سردارن ۽ چوڌرين کي پيپلز پارٽيءَ جي پليٽ فارم تان نئين منظم عوامي سياسي سگهہ بخشي کين وڌيڪ سگهارو ڪيو. پيپلز پارٽي پنهنجي آخري دؤر ۾ بہ ٺيڪ اهوئي ڪم ڪيو آهي جيڪو هن پهرين دؤر ۾ ڪيو. بينظير پڻ پنهنجي ٻنهي اڌورن دؤرن ۾ ساڳيو ئي ڪم ڪيو. اڄ جيڪڏهن پيپلز پارٽي وڏيرن، سردارن، مهرن، شيرازين، مخدومن، مزارين ۽ اربابن کي هٿ جوڙ ڪري رهي آهي تہ اهو سنڌس ئي اعمالن جو نتيجو آهي ۽ انهن اعمالن جو اصل سرچشمو آصف زرداري نہ پر پيپلز پارٽيءَ جي طبقاتي ساخت آهي. آصف زرداريءَ تہ پيپلز پارٽيءَ جي اصليت، سياست ۽ طبقاتي ساخت کي پنهنجي اصل روپ ۾ اگهاڙو ڪيو آهي، جيڪا پنهنجي پرستي ۽ عوامي سياست جي طلسمي پوشاڪ سان ڍڪيل هئي.

هاڻي بـ اقتدار خاطر سنڌ دشمن ہُنو مڪاني نظام متعارف ڪرائي پ پ پ اڳواڻ وري اهي بيان وڏي وات ڏيڻ لڳا تہ اسين سنڌ کي ڪڏهن بہ ورهائڻ نہ ڏينداسين. سنڌ اسان جي ماءُ آهي وغيره وغيره. سنڌ جي انهن سوڍن کان اسين هٿ ادب جا ٻڌي اهو پڇڻ جي گستاخي ڪري سگهون ٿا تہ سنڌ امڙ جي ٻوليءَ کي، جنهن ۾ ڪين بہ لولي ملي آهي، تنهن کي قومي ٻولي تسليم ڪرڻ کان انڪار ڪري هو سنڌ امڙ جا حلالي پٽ سڏائڻ جي دعوي ڪهڙي منهن سان ٿا ڪن؟ ۽ سوني تي سهاڳو وري اهو تہ پنهنجي ان ڪڌي ڪرتوت کي پيپلز پارٽيءَ جو تاريخي ڪارنامو ٿا قرار ڏين. پ پ پ 1973ع جي آئين کي ۽ هن دؤر ۾ 1973ع جي آئين کي پنهنجي اصلي شڪل ۾ بحال ڪرڻ جي دعوي کي پنهنجي تاريخي ڪاميابيءَ طور پيش ڪندي رهي آهي. اسڪروٽنيءَ دوران 62 ۽ 63 وارين ضيا شاهي شقن جي فراخدلانہ استعمال، 1973ع جي آئين کي اصل شڪل ۾ بحال ڪرڻ جي هـ ـن دعوي تي تہ پاڻ ئي دانگي ملي چڪي آهي پر 1973ع جي اصل آئين ۾ جيڪو سنڌي قوم سميت پاڪستان جي چئني تاريخي قومن ۽ سندن قومي ٻولين جي حيثيت کان انڪار ڪيو ويو آهي سو ڇا سچ کي پٺي ڏيکارڻ جي برابر نہ آهي؟ هيءَ عجب سنڌ دوستي آهي جو سنڌ جي قومي وجود کي بہ تسليم نہ ڪجي، منڙي امڙ جي ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ طور مڃتا بہ نہ ڏجي پر سڏائجي سنڌ امڙ جو حلالي پٽ! شاهہ سائينءَ اهڙن نہ تہ ٻين ڪهڙن حلالي پٽن تي ڦٽڪار وڌي آهي تہ. "حيف تنين تي هوءِ، وطن جنين وساريو!!؟" اهڙن حلالي پٽن جي فلاسافي ئي اها آهي تہ جيڪڏهن اقتدار جا پنج سال پورا ڪرڻ جو تاريخي ڪارنامو سرانجام ڏيڻ خاطر جي سنڌ امڙ جي قرباني ڏيڻي پئجي وڃي تہ ڪا وڏي ڳالهہ ناهي! ۽ عزت تہ اچڻي وڃڻي شئي آهي، پئسو ڪمائڻ جو اهڙو سٺيو موقعو وري هٿ اچي نہ اچي، تنهن ڪري گهٽ اصل نہ ڪبي. سنڌي ماڻهو تہ آهن پٽن جا پوڄاري ۽ اسان وٽ اچا ئي پيا حال حيات آهن سو سنڌي ماڻهو جو ووٽ تہ پنهنجي کيسي ۾ پيو آهي، اسان ابتي

ڪيون يا سبتي، ڪين مڏي ڪاتيءَ سان ڪهون يا ماڳهين سنڌ جا ڳيا ڳيا ڪري ڇڏيون. هي پٽن جا چريا عاشق وري بہ اسان کي ٿي ووٽ ڏئي اسان کي جاوا پيا ڪرائيندا. بس مال ميڙيندا رهو جيئي پٽو چوندا رهو ووٽ وٺندا رهو مزا ماڻيندا رهو.

پيپلز پارٽيءَ کي تہ پنهنجي ٻوليءَ جي لڄ رکڻ جو خيال اڄ تائين ناهي آيو پر نواز ليگ کي اها ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي وئي آهي تہ سنڌي لوڪن جي اصلوڪين ٻولين سنڌي، بلوچي، پنجابي ۽ پشتو کي قومي ٻوليون قرار ڏيڻ خود سنڌن ۽ پنجاب جي مفادن لاءِ ضروري آهي. نواز ليگ جي سينيئر نائب صدر سرتاج عزيز اسلام آباد ۾ پنهنجي پارٽي منشور تي ڳالهائيندي بلڪل چٽن لفظن ۾ چيو تہ "جيڪڏهن اسين اقتدار ۾ آياسين تہ چئني ٻولين کي قومي ٻوليون قرار ڏينداسين." سرتاج عزيز ان سلسلي ۾ دليل ڏيندي چيو تہ "ورهاڱي کان پوءِ انڊيا ۾ اٺ قومي ٻوليون هيون پر ڪجهہ سالن اندر ڪشميريءَ سميت ڇهن ٻين ٻولين کي بہ قومي ٻولين جو درجو ڏنو ويو." سرتاج عزيز واضح ڪيو تہ "قومي ٻوليون قرار ڏيڻ سان صوبن سان تضاد ۽ جهيڙا گهٽجندا."

(If voted to power, the Pakistan Muslim League (PML_N) will declare ally the four languages of the Provinces as national languages. This was stated by finance minister and PML_N senior Vice President Sartaj Aziz during a dialogue on the manifesto of his party here on Monday.

The discussion was organized by the Sustainable Development Policy Institute (SDPI). Mr. Aziz said after partition there were eight national languages in India but a few years later that country declared another six languages, including Kashmir, as the national languages. "Declaring national languages in Pakistan will decrease problems and conflicts with the provinces." He contented.

*(Dawn, April 16, 2013).*

زرعي سماج جو ڍانچو جيئن تہ سست رفتاريءَ سان هلندو آهي، تنهن ڪري اتي ذهني اؤسر جي رفتار بہ سست هوندي آهي. ان سماج جا جيڪي فرد ۽ طبقا واپار وڙي ۽ تعليم و روزگار جي سلسلي ۾ زراعت کان هٽي صنعتڪاري، سرمائيڪاري ۽ بين الاقوامي واپار جي ميدانن ۾ قدم رکندا آهن تہ انهن جي ذهني، فڪري ۽ سماجي اؤسر تيز رفتاريءَ سان نيون وسعتون ماڻيندي آهي. ان جي پيٺ ۾ زرعي سماج بيٺل پاڻيءَ جو ڍيڪ پيو ڏيندو آهي ۽ اتي نين حقيقتن ۽ نون خيالن کي قبوليت دير سان ملندي آهي ۽ خصوصاً جڏهن اهڙا خيال ۽ حقيقتون جڏهن ڪنهن بي قوم جا فرد ۽ اڳواڻ پيش ڪندا آهن تہ وري انهن کي شڪ جي نگاهہ سان ڏٺو ويندو آهي. جڏهن سنڌي، بلوچ، بنگالي ۽ پشتو اڳواڻن ان حقيقت تي زور پئي ڀريو تہ پاڪستان گهڻ قومي ملڪ آهي ۽ اتان جي ماڻهن جي ٻولين کي قومي ٻوليون قرار ڏنو وڃي تہ پاڪستان جي پنجابي حاڪمن کين ملڪ دشمن ۽ غدار قرار ڏئي ان حقيقت کي پٺي ڏئي ڇڏي، پر سچ بہ ڪڏهن ڪاري هيٺان لڪو آهي ڇا؟ بنگالين تہ 1951ع ۾ ئي پنهنجي جدوجهد سان بنگاليءَ جي قومي ٻوليءَ واري حيثيت ميڙائي ورتي. پر سنڌين ۽ پنجابين پٽي ۽ پيپلز پارٽي جي ڪڍ لڳي پنهنجي قومي وجود ۽ منڙين مادري ٻولين ڏانهن غفلت ۽ لاپرواهيءَ وارو رويو اختيار ڪيو. سنڌي ماڻهن سمجهيو تہ هو هاڻي سنڌي بادشاهہ ٿيو آهي، جيئي جيئي پٽو پيا ڪنداسين تہ سڀ ڪم سڻاوا ٿي ويندا. سنڌن دماغن مان نڪاءُ ان وقت نڪتا جڏهن 1979ع ۾ بي بي سي ريڊيو تان مارڪ ٽيليءَ خبر نشر ڪئي تہ ڀٽي کي ڦاهيءَ جي حق ۾ فيصلو ڏيندڙ چئن ججن جو تعلق پنجاب سان هو ۽ ڦاهيءَ جي مخالفت ۾ فيصلو ڏيندڙ ٽن ججن جو تعلق باقي ٽن صوبن سان هو. تڏهن کين هوش آيو تہ بروبر جي. ايم. سيد ۽ هي جيئي سنڌ جا وات ڳاڙها ڇوڪرا سچ چوندا هئا تہ پاڪستان تي اصل حاڪميت پنجاب جي آهي ۽ پاڪستاني پارليامينٽ ۾ ٽئي مظلوم قومون گڏجي بہ پنهنجي مفادن پٽاندر قانون سازي نٿيون ڪري سگهن. پاڪستاني عدليہ

طرفان جمهوري اصولن پٽاندر اڪثريت راءِ سان ڪيل هن فيصلي پهريون پيرو سنڌي عوام جون اکيون کوليون پر بينظير جي عشق ۾ هنن وري انهن حقيقتن کان منهن موڙي ڇڏيو ۽ قومي وجود ۽ حقن جي ميچتا لاءِ جدوجهد ڪرڻ بدران رڳو ضيا شاهي آمريت خلاف بينظير جي اڳواڻيءَ ۾ تحريڪ هلائڻ کي ترجيح ڏني. اڳيان هلي بينظير صاحبہ کي تہ لاهور ۾ لاڙڪاڻي جو فرق سمجهہ ۾ اچي ويو پر سنڌي ماڻهن جي پٽوءَ پ پ پ لاءِ انڌي عقيدت ختم نہ ٿي. هيءَ پٽو پرستي ۽ پ پ پرستي بہ زرعي سماج جي پير پرستي ۽ توهم پرستيءَ جي سياسي شڪل آهي. ان جي برعڪس جڏهن سينٽرل پنجاب، اسيءَ جي ڏهاڪي ۾ زرعي دؤر کان قدم وڌائي صنعتي دؤر ۾ داخل ٿيو تہ پنجابي ماڻهن جون اکيون ۽ ذهن کلي ويا. ”جاڳ پنجابي جاڳ“ جي نعري ان سلسلي ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. پنجاب ۾ جڏهن سرمائيدار طبقو مستحڪم ٿيو تہ ان هڪ طرف مهاجر سرمائيدار جي هڪ هٽيءَ کي چئلينج ڪيو تہ ٻئي طرف پنجاب جي قومي تشخص کي اڀارڻ شروع ڪيو جنهن جي منطقي نتيجي طور اڄ نواز ليگ سنڌو لوڪن جي چئن ٻولين کي قومي ٻولين طور تسليم ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وئي آهي.

هر قوم جي حاڪم توڙي محڪوم طبقن جون پارٽيون پنهنجن طبقاتي مفادن سان گڏوگڏ پنهنجي قومي مفادن جي تحفظ لاءِ بہ حڪمت عمليون جوڙينديون آهن پر بدقسمتيءَ سان چاليهن سالن کان سنڌ جي سياست جي واڳ هڪ اهڙي پارٽيءَ جي هٿ ۾ رهي آهي، جنهن کي پنهنجا طبقاتي مفاد تہ بي انتها عزيز آهن پر سنڌ توڙي پاڪستان جي مفادن سان انهن جو ڪو سروڪار نہ رهيو آهي. پيپلز پارٽيءَ اقتدار خاطر پاڪستان کي ٽوڙي اڌ پاڪستان تي راڄ ڪرڻ کي پاڪستان جي عظيم تر مفاد ۾ ڄاتو ۽ ان ئي وطن عزيز جي خاطر يعني پنهنجي اقتدار خاطر وري جيڪڏهن سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي قوم جي حق حاڪميت تان هٿ کڻڻو پوي تہ سندن لاءِ اها ڪا اهم ڳالهہ ناهي. اقتدار خاطر جيڪڏهن سنڌ کي قربان

نڪرنديون پنجاب ۾ پ پ پ جون متبادل قوتون به ڪي فرشته صفت ڪونهن پر پوءِ به پنجاب. پ پ پ جي هڪ هٽي ٽوڙي پنهنجي ترقيءَ جي راهه هموار ڪري ورتي آهي.

پنجاب جو عوام پنهنجي سياسي پارٽين جو احتساب به ڪري ٿو ۽ کين جوڳي سيڪت به ڏئي ٿو. پٽي ۽ پ پ پ جي سحر مان نڪري پنجاب. نواز شريف جي سحر ۾ نه ڦاٿو آهي بلڪ تحريڪ انصاف کي به جوڳي موٽ ڏئي نواز ليگ کي به امتحان ۾ وجهي ٿو. پر اسان جا سنڌي ماڻهو پ پ مخالف ساڄي ڌر جي قوتن کي ته زوردار موچڙو هڻن ٿا پر پ پ پ کي پنج سال بداعمالين جي جوڳي سزا ڏيڻ لاءِ چو نٿا سوچين. جڏهن اسين پاڻ پنهنجي گهر جي صفائي نه ٿا ڪريون ته پوءِ اهو منهن مٿو ڇو ٿا پٽيون ته ٻيا اچي اسان جو گهر ٻهاري ٿا وڃن؟ پنهنجي گهر جي صفائي نه ڪبي، پنهنجي ڌرتيءَ جي، ديس جي مالڪي نه ڪبي ته اهڙا ئي نتيجا نڪرندا رهندا. ڪالهه اسان کي پنهنجي ئي ديس ۾ ڌاري ۽ خصوصاً پنجابي آبادڪاريءَ سبب اقليت ۾ اچڻ جو خطرو هيو ۽ اڄ اسان جي ديس جي وحدت داءَ تي لڳل آهي پر پنهنجي ديس ڏانهن عجب لاپرواهي ۽ غفلت جو اهو عالم آهي جو سنڌي عوام جي چونڊيل پيپلز پارٽي پنج ئي سال ساٿاري به انهيءَ ئي سنڌ دشمن سياسي قوت جي ٻڌيل رهي آهي جيڪا هر قيمت تي سنڌ جو ورهاڱو چاهي ٿي! 2008ع ۾ سنڌي ماڻهن کي اميد هئي ته پيپلز پارٽي سندن ووٽن سان اقتدار ۾ اچي بينظير جي قتل جو پلاند ڪندي پر افسوس جو مقام آهي ته سنڌي ماڻهن جي ووٽ جي توهين ڪندڙ پيپلز پارٽي اڄ به سنڌ جي سڀ کان وڏي سياسي پارٽي آهي. جيڪڏهن سنڌي ماڻهو هاڻي به پيپلز پارٽيءَ کي ڪا جوڳي سيڪت نٿا ڏين ته کين پنهنجي وڏڙن جي قبرن مان به آواز ٻڌڻ ۾ ايندا ته. "پنهنجي وڍئي جو نڪو ويڄ نه طبيب"

هاڻوڪي اليڪشن سنڌي ماڻهن کي مناسب موقعو ۽ ماحول فراهم ڪيو آهي ته اهي ٿڌي دماغ سان پنهنجي توٽي پيپلز پارٽيءَ جي ڪارگذارين جو جائزو وٺن ۽ سنڌ جي سچي عاشق سائين جي.

ايم. سيد جي ان ڳالهه تي ڏيان ڏرين ته "پيپلز پارٽي سنڌ جي ترقي ۽ آزاديءَ جي راهه ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ آهي." جڏهن سنڌي ماڻهو سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي مالڪي ڪندا، خود غرضي ۽ ذات برادريءَ جي ڏيڍ مان نڪرڻ لاءِ پاڻ ٻه هٿ پير هڻندا. توهم پرستي ۽ شخصيت پرستيءَ جي زهر جو ترياق ڳوليندا ۽ وڏيراشاهيءَ جي بوسيده عمارت ڊاهيندا ته نئين سنڌ جا نوان معمار ٻه منظر عام تي اچي ويندا.

# اسين ڇا ٿا چاهيون؟

- ❖ سنڌ هڪ مڪمل آزاد رياست ۽ شاندار تاريخي تهذيب آهي، جنهن کان سنڌس اقتدار اعليٰ ۽ سمورا وسيلا ڦريا ويا آهن. جن جي بحالي اسان جي قومي منزل آهي.
- ❖ اسين نئون عوام دوست جمهوري سياسي نظام متعارف ڪرائڻ چاهيون ٿا، جنهن ۾ دولت ۽ طاقت جي زور تي عوامي نمائندگي واري چونڊ عمل جي حوصلا شڪني ۽ روڪٿام ٿي سگهي.
- ❖ اسين آزاد محنت جي بنياد تي نئون منصفاڻو انسان دوست اقتصادي نظام اڏڻ چاهيون ٿا، جنهن وسيلي بک، بيروزگاري، بدحالي ۽ سماجي اوچ نيچ جو انت آڻي سگهجي.
- ❖ اسين سمورا سياسي، سماجي، ثقافتي ۽ اقتصادي ادارا جمهوري ڪلچر ۽ سماجي انصاف جي بنيادن تي اڏڻ چاهيون ٿا، جيئن پوتارڪي ڪلچر، آمراڻي ذهنيت ۽ استحصالي قوتن جو انت آڻي سگهجي.
- ❖ اسين سنڌ تي سنڌي قوم جي حق حاڪميت کي تسليم ڪندڙ سمورن فردن ۽ قوتن کي پاڻ منجهه سموئيندي ڪل سنڌ قومي سياست جا بنياد وجهڻ ٿا چاهيون ته جيئن ويڙهايو ۽ راڄ ڪريو واري استحصالي سياست جو انت آڻي سگهجي.
- ❖ اسين عورتن، مردن، ٻارن، ٻڍڙن ۽ نوجوانن جي سماجي احترام ۽ آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪندي هڪ اهڙو آدرشي سماج اڏڻ چاهيون ٿا، جيڪو هر قسم جي غلامي ۽ متڀيد کان آجو هجي.
- ❖ اسين نئون عوام دوست آزاد عدالتي نظام قائم ڪرڻ چاهيون ٿا، جنهن تحت هر فرد لاءِ بنا ڪنهن فرق جي تڪڙي انصاف جي فراهمي ممڪن بڻائي سگهجي.
- ❖ اسين سنڌ جي فڪري ۽ تهذيبي ورثي کي عالمي ڀائيچاري، امن ۽ اجتماعي خوشحالي سان جوڙڻ چاهيون ٿا ته جيئن هڪ اهڙي عالمگير سماج جي تخليق ۽ تعمير ممڪن ٿي سگهي، جتي هر فرد کي فڪر ۽ عمل جي مڪمل آزادي هجي.
- ❖ اسين عالمي ماحولياتي ۽ جيوت جي بچاءَ وارين ڪوششن، اوائلي تهذيبن، تاريخي ماڳن ۽ نسلن جي بچاءَ وارين تحريڪن جو حصو بڻجندي، سنڌ جي تهذيبي ورثي ۽ ماحولياتي تحفظ جي تحريڪ کي عالمگير انسان دوست تهذيب جو جز بڻائڻ چاهيون ٿا.
- ❖ اسين آزادي، امن، انصاف ۽ برابريءَ وارو سماج اڏڻ لاءِ جدوجهد ڪندڙ سمورين قومي ۽ بين الاقوامي تحريڪن کي سنڌ جي قومي جدوجهد جو اٽوٽ انگ سمجهون ٿا.

## سنڌ دوست رابطا ڪائونسل

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙَهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪـو بـہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهـڙي دعوىٰ ڪـري ٿـو تـہ پَـڪَ جاڻو تـہ اُهو ڪُـوڙو آهـي. نـہ ئـي وري پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪـڏهن ڪـو اهـڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ جاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهـن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بيـن لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن ڪي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽانڌڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن ڄاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۾ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻچاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج necessity unavoidable سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

**توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.**

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)